# آقا جي

## مديني سان محبت

**14 May 2026**



(For Islamic Brothers)

هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

14 مئي 2026ع (بمطابق: 26 ذوالقعده شريف 1447ھ)

تي پاڪستان ۾ دعوتِ اسلامي جي هفتيوار اجتماعات ۾ ٿيڻ وارو بيان

قرآني بيان

بنام

# آقا جي مديني سان محبت

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگھندؤ...

- ... قرآن ڪريم ۾ شانِ مدينہ پاڪ
- ... مدينو حَسِين شهر آهي
- ... خاڪِ مدينہ جي برڪت سان شِفا ملڻ جون 2 حڪايتون
- ... عاشقِ رسول جو سفرِ مدينہ (حڪايت)

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَة

Islamic Research Center

(شعبہ: بياناتِ دعوتِ اسلامي)

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖن

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درودِ پاڪ جي فضيلت

حضرت احمد بن ثابت مغربي رَحْمَةُاللهِعَلَيْه فرمائن ٿا: مان قِبلي جي طرف مُنهُن ڪري درود پاڪ جي موضوع تي مضمون تيار ڪري رهيو هئس تہ اوچتو مون تي ننڊ جو غلبو طاري ٿي ويو ۽ منهنجي اک لڳي وئي. مون خواب ۾ الله پاڪ جي مقرب فرشتن ◈ حضرت جبرائيل ◈حضرت ميڪائيل ◈ حضرت اسرافيل ◈ ۽ حضرت عزرائيل عليهمُ السَّلَام کي ڏٺو. (تِن مقرب فرشتن سان گفتگو جو ذڪر ڪرڻ کان پوءِ شيخ احمد بن ثابت رَحْمَةُاللهِعَلَيْه فرمائن ٿا:) مون حضرت عزرائيل عَلَيْهِالسَّلَام کي عرض ڪيو: مان توهان کي الله پاڪ ۽ ان جي پياري حبيب صَلَّىاللهُعَلَيْهِوَآلِهٖوَسَلَّم جو واسطو ڏئي التجا ڪريان ٿو تہ منهنجو ساهہُ ڪڍڻ وقت مون تي نرمي فرمائجو. (هنن) فرمايو: رسولِ اڪرم صَلَّىاللهُعَلَيْهِ وَآلِهٖوَسَلَّم تي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهندا ڪريو. (1)

آس ہے کوئی نہ پاس ایک تمہاری ہے آس | بس ہے یہی آسرا تم پہ کروڑوں درود (2)

1⋯ سعادة الدارين، صفحہ:125ملخصًا۔

2⋯ حدائق بخشش، صفحہ:267۔

**وضاحت:** يارسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم! اوهان کان سواءِ مون کي ٻيو ڪنهن مان به اميد نه آهي ۽ نه ئي ڪو اهڙو آهي جنهن مان اميد ڪري سگهجي. مون کي ته بس اوهان جو ئي آسرو ۽ سهارو آهي، اوهان تي ڪروڙين درود هجن.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديث پاڪ ۾ آهي: اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيَّات عملن جو دارومدار نيتن تي آهي. [1]

اي عاشقانِ رسول! سنين نيتن سان عمل جو ثواب وڌي ويندو آهي، اچو ته بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪري ونون ٿا. نيت ڪيو ته ! ◈ الله جي رضا جي لاءِ بيان ٻڌندس ◈ باادب ويهندس ◈ خوب توجه سان بيان ٻڌندس ◈ جيڪو ٻڌندس ان کي ياد رکڻ، پاڻ عمل ڪرڻ ۽ ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! اڄ اسان مديني جي ڳالهه ڪنداسين. سُبْحٰنَ الله! **مدينو** ڪيڏو نه پيارو نالو آهي...!

مَدِيْنَه مدينہ ہمارا مدینہ
ہمیں جان و دِل سے ہے پیارا مدینہ

سُہانا سُہانا دِل آراء مدینہ
دِیوانوں کی آنکھوں کا تارا مدینہ

1… بخاری، کتاب بدء الوحی، صفحہ:65، حدیث:1۔

| | |
|---|---|
| یہ رنگیں فضائیں، یہ مہکی ہوائیں | مُعَطَّر مُعَنْبَر ہے سارا مدینہ |
| مدینے کے جلووں کے قربان جاؤں | خُدا نے ہے کیسا سنوارا مدینہ[1] |

هڪ ايمان افروز ڳالھ عرض ڪريان عربيءَ ۾ **شهر** کي **مَدِيْنَه** چوندا آهن. اها آبادين جي وِرچ آهي: ◈ ڳوٺ ◈ واهڻ ◈ وَسَنديون ◈ شهر. جتي تمام گهڻا گهر هجن، جديد سهولتون هجن، اسڪول، اسپتالون، وڏا تعليمي ادارا وغيره هجن، ان کي شهر چئبو آهي. پوءِ ڪھڙو بہ شهر هجي، عربيءَ ۾ ان کي **مَدِيْنَه** چوندا آهن.

حضرت صالح عَلَيْهِ السَّلَام جي ڏاچيءَ جون **ڄنگهُون** جن بدنصيبن ڪٽيون، اُن واقعي جو ذڪر ڪندي الله پاڪ فرمايو:

| | |
|---|---|
| وَ كَانَ فِي الْمَدِيْنَةِ تِسْعَةُ رَهْطٍ يُّفْسِدُوْنَ فِي الْاَرْضِ وَلَا يُصْلِحُوْنَ ۝۴۸ (سيپارو: 19، سورة نمل: 48) | **ترجمو ڪنزالعرفان:** ۽ شهر ۾ نَوَ ماڻهو هئا جيڪي زمين ۾ فساد ڪندا هئا ۽ اصلاح نہ ڪندا هئا. |

يعني جن بدنصيبن ڏاچيءَ جون ٽنگون ڪٽيون، اُهي قومِ ثمود جي شهر **حِجر** جا رهاڪو هئا.

هتي اُن شهر کي **مَدِيْنَه** چيو ويو آهي. معلوم ٿيو تہ **مَدِيْنَه** لفظ جي لفظي معنيٰ **شهر** آهي. هاڻي ٿورو غور فرمايو! شهر تہ دنيا ۾ ڪيترائي آهن، وڏا عاليشان شهر بہ آهن، تمام وڏا وڏا ۽ حسين ترين شهر بہ دنيا ۾ موجود آهن،

[1] وسائلِ بخشش، صفحہ:355 ملتقطاً۔

پر ڪنهن جو بہ نالو **مدينو** نہ آهي. **مدينو** صرف هڪ ئي آهي. آخر ڪهڙو سبب آهي؟ جو ٻيا شهر تہ آهن پر انهن جو نالو **مدينو** (يعني شهر) نہ آهي؟ علماءِ ڪرام ان جا ٻہ سبب لکيا آهن. فرمائن ٿا: مَدِيْنَه جو هڪ مطلب اطاعت ڪرڻ بہ آهي، تنهنڪري وڏو شهر جتي سلطان جي رهائش هجي، ان کي مَدِيْنَه چيو ويندو آهي چوتہ اتي سلطان جي اطاعت ڪئي ويندي آهي، ان ڪري جيئن تہ ٻنهي جهانن جا سلطان، شهنشاهِ ڪَون و مڪان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم مديني پاڪ ۾ تشريف فرما آهن، ڪوئي ڪيترو بہ وڏو چو نہ هجي، بادشاهہ هجي يا غلام، سيئي هتي اطاعت ئي ڪندا آهن. ان ڪري ان کي مَدِيْنَه چوندا آهن.

| | |
|---|---|
| ميرے آقا کا وہ دَر ہے جس پر | ماتھے گِھس جاتے ہیں سرداروں کے[1] |

ٻيو سبب علماءِ ڪرام هي لکيو آهي تہ شهر آباديءَ سان هوندا آهن. حقيقت ۾ آباد صرف ۽ صرف مدينو پاڪ ئي آهي ◈ هي ئي اُهو مبارڪ شهر آهي جيڪو سيني شهرن جو سردار آهي ◈ هتان جون ئي هوائون سيني هوائن کان پاڪيزه آهن ◈ هتان جي ئي نُورَ جا ڪِرڻا سيني شهرن کي روشن ڪري رهيا آهن، ان ڪري هِن کي مَدِيْنَه (يعني شهر) چيو ويندو آهي.[2]

| | |
|---|---|
| پہاڑوں میں بھی حُسن، کانٹے بھی دلکش | بہاروں نے کیسا نکھارا مدینہ |
| ہے شاہ و گدا، مُفلِس و اَغنیا کا | بِلارَیب سب کا گزارا مدینہ |
| اُسے سیرِ گلشن سے کیا ہو سروکار | کِیا جس نے تیرا نظارہ مدینہ |

---

[1] حدائقِ بخشش، صفحہ:359

[2] سبل الہدیٰ ، جماع ابواب بعض فضائل...الخ، الباب الثانی...الخ، جلد:3، صفحہ:292-293 بتغیر قلیل۔

## مديني تي رحمت جي برسات

مولانا روم رَحْمَةُاللهِعَلَيْه جيڪي تمام وڏا صوفي بزرگ آهن، پاڻ رَحْمَةُاللهِعَلَيْه هڪ نهايت پيارو واقعو لکيو آهي: فرمائن ٿا: هڪ پيري جو ذڪر آهي ته مديني پاڪ ۾ هڪ صحابي رَضِیَ اللهُ عنه جو انتقال ٿي ويو. رسولن جي تاجدار، مڪي مدني سرڪار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم سندس نمازِ جنازه پڙهائي، بقيع پاڪ ۾ ڪين دفن ڪيائون ۽ پوءِ واپس گهر تشريف وٺي آيا.

هڪ ته اِها به ڪيڏي خوش نصيبيءَ جي ڳالهه آهي! اڄڪلهه جڏهن ڪو مري ويندو آهي ته ◈ ڪنهن جو جنازو محلي جو امام صاحب پڙهائيندو آهي ◈ ته ڪنهن جو جنازو شهر جو وڏو عالم صاحب پڙهائيندو آهي ◈ ڪجهه ماڻهو وڏي فخر سان ٻڌائيندا آهن ته منهنجي پيءُ جو جنازو فلاڻي پٽ فلاڻي علامه صاحب، فلاڻي مفتي صاحب پڙهايو هو، هيترا ماڻهو جنازي ۾ شريڪ ٿيا هئا. پر ان کان به وڌيڪ اڳتي جي ڳالهه عرض ڪريان ته جڏهن ڪو شخص مديني پاڪ ۾ وفات ڪري ويندو آهي ته سندس وفات جي خبر ٻڌي عام طور تي ماڻهو اِنَّالِلّٰه نه پڙهندا آهن، پر بي ساخته سندن زبان مان سُبْحٰنَ الله نڪري ويندو آهي ته واه ...!! چا ته سندس قسمت آهي.

اوهان صحابيءِ رسول رَضِیَ اللهُ عنه جي قسمت ڏسو...!! سندن انتقال ته مديني پاڪ ۾ ٿيو ئي آهي، ان سان گڏوگڏ هي نصيب به ڪين مليو جو سندن جنازو رسولن جا سردار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم پاڻ پڙهائي رهيا آهن.

کیوں نہ ہو رُتبہ بڑا اصحاب و اہل بیت کا | ہے خدائے مصطفٰی، اصحاب و اہلِ بیت کا
آل و اصحاب نبی سب بادشہ ہیں بادشاہ | میں فقط ادنیٰ گدا اصحاب و اہل بیت کا[1]

خير! واقعو اڳتي ٻڌو! نبيءِ رحمت، شفيعِ اُمت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم تدفين کان فارغ ٿي گهر واپس تشريف ڪٽي آيا. مسلمانن جي پياري امي جان سيده عائشه صديقه رَضِيَ اللّٰهُ عنها گهر ۾ موجود هيون. انهن جلديءَ ۾ ڪو ڪپڙو ڪٽي پنهنجي مٿي تي رکيو ۽ پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي استقبال لاءِ اڳڻ ۾ نڪري آيون.

پيارا آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم پهريان به گهر ۾ تشريف ڪٽي ايندا هئا، اڄ به تشريف ڪٽي آيا پر اڄ عجيب معاملو ٿيو. سيده عائشه رَضِيَ اللّٰهُ عنها جڏهن پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم کي ڏٺو ته اڳتي وڌي آيون، سندن چهري تي حيرت جا آثار هئا. ڪڏهن پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي عمامي شريف کي هٿ لائي رهيون هيون ته، ڪڏهن مقدس زلفن کي ڇُهي رهيون هيون، پوءِ سندن قميص مبارڪ کي پڪڙيائون، مقدس هٿن کي پنهنجن هٿن ۾ ورتائون.

رسولِ اڪرم، نور مجسم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: عائشه! ڇا ٿيو آهي؟ ڇا ڏسي رهي آهين؟ عرض ڪيائون: يارسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم! ٻاهر ته برسات وَسِي رهي آهي پر اوهان جو لباس، عمامو، وارَ مبارڪ سڀ ڪجهه خشڪ آهي، توهان تي هڪ ڦڙو به پاڻيءَ جو نه ڪريو آهي؟ فرمايائون: عائشه! تو مٿي تي ڇا پاتو آهي؟ عرض ڪيائون: هيءَ اوهان جي چادر مبارڪ آهي، جلديءَ ۾ اِها ئي هٿ آئي، مان اِها ئي پائي ورتي. فرمايائون: اِها لاهِ! سيده عائشه رَضِيَ اللّٰهُ عنها جڏهن پنهنجي مٿي تان چادر لاٿي ته ڏٺائون ته اتي ڪابه بارش

[1] وسائلِ فردوس، صفحہ:35 ۔

وغيره نہ هئي ڪين ڏاڍي حيرت ٿي. سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: اي عائشه! هيءَ رحمتِ اِلٰهي جي بارش آهي، جيڪا هتي هر وقت وَسَندي رهندي آهي. تون منهنجي چادر پاتي تہ تنهنجيون اکيون روشن ٿي ويون ۽ تو هِن بارش کي اکين سان ڏسي ورتو. (1)

ذرّے ذرّے پہ چھایا ہوا نُور ہے
میرے میٹھے مدینے کی کیا بات ہے
نُور سے سب فَضا اِس کی معمُور ہے
میرے میٹھے مدینے کی کیا بات ہے
ہر طرف رحمتوں کی ہے چھائی گھٹا
مہکی مہکی ہے کیا خُوب مَدنی فَضا
ذرّے ذرّے پہ قرباں یہاں طُور ہے
میرے میٹھے مدینے کی کیا بات ہے

سُبۡحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! هي شهرِ مدينہ آهي. شهر تہ دنيا ۾ ٻيا بہ گهڻا آهن، هڪ کان هڪ حَسِين بہ آهن پر اهڙو حُسن جهڙو مديني ۾ آهي، ڪٿي ڪو نہ ملندو. توهان کي دنيا جي شهرن ۾ وڏا وڏا پارڪ بہ ملندا، وڏا وڏا آبشار بہ ملندا، قدرتي منظر بہ هڪ کان هڪ حسين نظر ايندا، اونچا اونچا جبل، خوبصورت تلاءَ ۽ ڍَنڍُون بہ ملنديون پر مدينو اُهو شهر آهي جتي هر وقت اَمن ۽ سڪون، راحت ۽ آرام ۽ رحمت ۽ رضوان جي بارش وَسندي رهندي آهي.

## قرآن ڪريم ۾ شانِ مدينہ پاڪ

مديني پاڪ جي شان ۽ عظمت تي ڪجهہ آيتِ ڪريمہ ٻڌو!

1…مثنوی معنوی، قصہ سؤال کردن عایشہ...الخ، صفحہ:72 خلاصۃً۔

## (١) مدينو دارُالايمان (ايمان جو گهر) آهي

قرآن مجيد ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَ الَّذِیْنَ تَبَوَّؤُ الدَّارَ وَ الْاِیْمَانَ مِنْ قَبْلِهِمْ (سيپارو: 28، سورة حشر: 9) | ترجموڪنزالعرفان: ۽ اهي جن انهن (مهاجرن) کان پهريان هن شهر کي ۽ ايمان کي ٺڪاڻو بڻايو |

هن آيت جي حوالي سان علامہ بيضاوي رَحْمَةُاللهِعَلَيْه فرمائن ٿا: هن آيت ۾ الله پاڪ مديني پاڪ کي **ايمان (يا دارُ الايمان)** فرمايو آهي، اُن جو سبب هي آهي تہ ايمان مديني پاڪ مان ئي پکڙيو آهي ۽ بيهر اوڏانهن ئي واپس موٽي ويندو. [1] حديث پاڪ ۾ آهي: اَلْمَدِیْنَةُ دَارُ الْاِیْمَان يعني مدينو ايمان جو گهر آهي. [2]

ايمان ملا ان کے صدقے، قرآن ملا ان کے صدقے
رحمٰن ملا ان کے صدقے، وہ کیا ہے جو ہم نے پایا نہیں

## (2) مدينو وُسعَت واري زمين آهي

اهڙِي طرح سيپارو: **5**، سورة نساء، آيت: **97** ۾ فرشتن جي زباني ارشاد ٿيو:

| | |
|---|---|
| اَلَمْ تَكُنْ اَرْضُ اللّٰهِ وَاسِعَةً فَتُهَاجِرُوْا فِيْهَا ؕ (سيپارو: 5، سورة نساء: 97) | ترجموڪنزالعرفان: ڇا الله جي زمين ڪشادي نہ هئي جو توهان ان ۾ هجرت ڪري وڃو ها؟ |

1…حاشيہ شيخ زاده تفسير بيضاوى ، پاره:28، الحشر، تحت الآية:9، جلد:8، صفحہ:167۔
2…المعجم الاوسط، جلد:4، صفحہ:174، حديث:5618۔

علماءِ ڪرام فرمائن ٿا: هن آيت ۾ اَرْضُ‌اللّٰه مان مراد مدينو پاڪ آهي.[1] مطلب هي آهي ته هجرت کان بعد جيڪي ماڻهو مڪي پاڪ ۾ ئي رهي پيا هئا، موت جي وقت فرشتا انهن کي چوندا آهن: مدينو پاڪ جيڪا الله پاڪ جي خاص زمين آهي، ڇا اُها وسيع نه هئي؟ بلڪل هئي، پوءِ توهان اوڏانهن ڇو نه ويا، توهان هجرت ڇو نه ڪئي؟

هن مان مديني جا ٻه شان معلوم ٿيا: **(1):** مدينو الله پاڪ جي خاص الخاص زمين آهي. **(2):** ٻيو هي ته مدينو ڏاڍو وسعت وارو شهر آهي، سڄي دنيا جي غريبن کي هتي ئي پناهه ملندي آهي.

مدینے کے خطّے خُدا تجھ کو رکھے | غریبوں، فقیروں کے ٹھہرانے والے[2]

## (3) مدينو حَسِين شهر آهي

هڪ مقام تي الله پاڪ فرمايو:

| | |
|---|---|
| وَالَّذِیْنَ هَاجَرُوْا فِی اللّٰهِ مِنْۢ بَعْدِ مَا ظُلِمُوْا لَنُبَوِّئَنَّهُمْ فِی الدُّنْیَا حَسَنَةً (سيپارو: 14، سورة نحل: 41) | ترجموڪنزالعرفان: ۽ جن الله جي واٽ ۾ پنهنجا گهرَ بار ڇڏيا ان کان پوءِ جو انهن تي ظلم ڪيو ويو پوءِ ضرور اسان انهن کي دنيا ۾ چڱي جاءِ ڏينداسين |

الله پاڪ صحابهءِ ڪِرام رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُم سان واعدو فرمايو ته کين دنيا ۾ رهڻ لاءِ حَسَنَه (يعني سنِي جاءِ) عطا ڪئي ويندي ۽ پوءِ اِهو واعدو ڪيئن پورو ڪيو

1... تفسير مقاتل، پاره:5، سورة نساء، زيرِ آيت:97، جلد:1، صفحه:402۔
2 حدائقِ بخشش، صفحه:158۔

ويو...؟ سڀ ڄاڻن ٿا ته الله پاڪ صحابهءِ ڪِرام رَضِیَ اللّٰہُ عنھم کي مديني پاڪ ۾ رهڻ نصيب ڪيو. معلوم ٿيو ته مدينو پاڪ حَسَنَه يعني خوبصورت، عمدو ۽ بهترين شهر آهي.

## مدينو تازگي بخشيندڙ شهر آهي

معلوم ٿيو ته هن جاءِ تي رب ڪريم مدينه طيبه کي حَسَنَه جو خطاب ڏنو آهي. هن لفظ جو مطلب سمجهو! امام راغب اصفهاني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه لکن ٿا:

كُلُّ مُبْهَجٍ مَّرْغُوْبٍ فِيْهِ

**مفهوم:** هر اُها شيءِ جنهن کي ڏسي تازگي ملي، جنهن ۾ رغبت حاصل ٿئي، ان کي **حَسَن** (جيڪڏهن مؤنث هجي ته حَسَنَه) چئبو آهي.

- جنهن کي ڏسي چهرو تازو توانو ٿي وڃي، ان کي حَسِينِ حِسِي چوندا آهن
- جنهن کي ڏسي عقل تازو توانو ٿي وڃي، ان کي حَسِينِ عَقلِي چئبو آهي
- جنهن کي ڏسي روح تازو توانو ٿي وڃي، ان کي حَسِينِ هَوائِي (حَسِينِ قَلبِي يا رُوحِي) چئبو آهي. [(1)] علماءِ ڪِرام فرمائن ٿا: آيتِ ڪريمه ۾ مديني شريف کي جيڪو حَسَنَه چيو ويو آهي، ان مان صرف ظاهري حسن مراد نه آهي، باطني حسن به مراد آهي.[(2)] هاڻي آيتِ ڪريمه جو مطلب هي ٿيندو: جن هجرت ڪئي، انهن کي گهر بار ڇڏڻ جي بدلي ۾ اهڙو ته حسين ترين مقام ۽ نڪاڻو عطا ڪيو ويندو، جنهن کي ڏسي سندن چهرا به تازا توانا ٿي ويندا ۽

---

1…مفردات الفاظ القرآن لاصفہانی، صفحہ:133۔

2… وفاء الوفاء باخبار دار المصطفےٰ، جز:1، جلد:1، صفحہ:18۔

سندن دل ۽ دماغ بہ تازا توانا ٿي ويندا.

## خوش ٿي وڃو! مدينو اچي ويو...!!

صحابيءِ رسول حضرت انس بن مالڪ رَضِیَ اللّٰہُ عنہ فرمائن ٿا: پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي عادتِ ڪريمہ هئي تہ جڏهن سفر کان واپس مديني منوره تشريف ڪٺي ايندا هئا تہ پنهنجي ڪُلهَن تان چادر لاهي ڇڏيندا هئا ۽ فرمائيندا هئا:

هٰذِهٖ اَرْوَاحٌ طَيِّبَةٌ

**ترجمو:** هي پاڪيزه هوائون آهن. (1)

يعني پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم پسند فرمائيندا هئا تہ سندن چادر مبارڪ هنن هوائن کي نہ روڪي تنهنڪري چادر لاهي ڇڏيندا هئا تہ جيئن مديني جون هوائون سندن مبارڪ جسم سان لپيٽجي وڃن.

وہ جس کا شہر بھی ہے ایسا پیارا | جہاں کی رات دن سے سِوا ہے
فضائے طیبہ پر قربان جاؤں | نسیمِ خُلد سی جس کی ہوا ہے (2)

حضرت انس رَضِیَ اللّٰہُ عنہ وڌيڪ فرمائن ٿا: سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جڏهن مديني جا دَرَ، دريون، ڀِتيون، گِهٽيون ۽ وڻ ڏسندا هئا تہ پنهنجي مبارڪ سواريءَ کي مديني منوره جي محبت ۾ تيز ڪري

---

1...سبل الہدی والرشاد، جماع ابواب بعض فضائل المدينة، الباب الرابع، جلد:3، صفحہ:297۔

2...سامانِ بخشش، صفحہ:201 و212 ملتقطاً۔

ڇڏيندا هئا. [1]

پوءِ پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم هن ريت دعا فرمائيندا هئا:

اَللّٰھُمَّ اجۡعَلۡ لَنَا بِھَا قَرَارًا، وَرِزۡقًا وَاسِعًا

**ترجمو:** اي الله پاڪ! اسان جي لاءِ مديني ۾ بهتر ٺڪاڻو ۽ وسيع رزق مقرر فرمائي ڇڏ. [2]

تُو لکھ دے الٰہی! مقدّر میں میرے
مدینے میں مرنا مدینے میں جینا

نہیں روتے عُشّاق دنیا کی خاطر
رُلاتی ہے اُن کو تو یادِ مدینہ [3]

سُبۡحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! توهان هن مان اندازو لڳايو تہ! رسول اَڪرم، نور مجسم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مديني پاڪ سان ڪيتري قدر محبت فرمائيندا هئا. پنهنجي شهر سان عام طور اسان کي بہ محبت هوندي آهي، ڪيترائي اهڙا ماڻهو آهن جيڪي سفر مان بيزار ٿي ويندا آهن، جڏهن ڪنهن ٻئي شهر ۾ هوندا آهن تہ ڪجهہ ئي ڏينهن کان پوءِ سندن دل بيچين ٿي ويندي آهي ۽ جڏهن پنهنجي گهر واپس موٽي ايندا آهن تڏهن ئي کين سڪون ملندو آهي. پر پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو مديني شريف سان محبت جو الڳ ئي انداز هو. پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مديني جي هوائن کي محسوس فرمائيندا هئا، انهن کي پنهنجي جسم پاڪ سان لڳڻ جي اجازت مرحمت

1… سبل الہدی والرشاد، جماع ابواب بعض فضائل المدينة، الباب الرابع، جلد:3، صفحه:297۔
2…مكارم الاخلاق للخرائطی، باب ما يستحب للمسافر اذا نزل...الخ، جلد:4، صفحه:140، حديث:1001۔
3…وسائلِ بخشش، صفحه:370و 371 ملتقطاً۔

فرمائيندا هئا، مديني شريف جي درن ۽ دِيوارن کي ڏسي سندن چهري پاڪ تي خوشي چانئجي ويندي هئي.

## پياري آقا جي پياري خواهش

مُوَطّا امام امالڪ جيڪو حديث پاڪ جو سڀ کان پهريون ڪتاب آهي. عظيم عاشقِ رسول حضرت امام مالڪ رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه اُن ۾ حديثون جمع ڪيون آهن. هن مبارڪ ڪتاب ۾ هڪ روايت آهي، هڪ پيري ڪنهن جو انتقال ٿي ويو، پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم سندس جنازي نماز پڙهائي، ميت کي قبرستان آندو ويو، اجان تائين قبر تيار ٿي رهي هئي، تنهنڪري رسولِ خدا، احمد مجتبيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم تشريف فرما ٿي، قبر تيار ٿيڻ جو انتظار فرمائڻ لڳا. ايتري ۾ هڪ صحابي رَضِيَ اللهُ عنه قبر جي اندر جهاتي پائي ڏٺو ۽ چيائين: بِئْسَ مَضْجَعُ الْمُؤْمِنِ يعني هي مؤمن جو ڪيڏو نه بُرو ٺڪاڻو آهي.

محبوبِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جڏهن اِها ڳالهه ٻڌي ته فرمايو: توهان خراب ڳالهه چئي آهي. عرض ڪيو ويو: يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم! منهنجو اِهو مقصد نه هو. مان ته هي پئي چوڻ چاهيو ته جيڪڏهن هنن کي شهادت جو موت نصيب ٿئي ته چا ڳالهه هئي. پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: شهادت جو ته مثال ئي نه آهي، پر! مَا عَلَى الْاَرْضِ بُقْعَةٌ هِيَ اَحَبُّ اِلَيَّ اَنْ يَكُوْنَ قَبْرِي بِهَا هي خطو (يعني مدينو پاڪ) زمين جو اُهو خِطو آهي جيڪو سڄي دنيا جي پيٽ ۾ مون کي وڌيڪ پسند آهي، تنهنڪري منهنجي قبر هتي ئي ناهي وجي. (1)

1… موطا امام مالک، کتاب الجہاد، باب الشہداء فی سبیل اللہ، صفحہ:236، حدیث:996۔

شاہ!تم نے مدینہ اپنایا،واہ کیابات ہے مدینے کی

اپنا روضہ اِسی میں بنوایا،واہ کیابات ہے مدینے کی

ہر طرف رحمتوں کا ہے سایہ،واہ!کیابات ہے مدینے کی

خوب رُتبہ عظیم ہے پایا،واہ!کیابات ہے مدینے کی (1)

الله! الله...!! پيارا اسلامي ڀائرو! هن ارشادِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جا مبارڪ الفاظ هڪ دفعو ٻيهر پڙهو! ڪيڏا نہ پيارا الفاظ آهن، فرمايائون: مَاعَلَى الْاَرْضِ بُقْعَةٌ هِيَ اَحَبُّ اِلَيَّ اَنْ يَكُوْنَ قَبْرِي بِهَا هي خِطو (يعني مدينو پاڪ) زمين جو اُهو خِطو آهي جيڪو سڄي دنيا جي پيٽ ۾ مون کي وڌيڪ پسند آهي تنهنڪري منهنجي قبر هتي ئي ٿاهي وڃي.(2)

سُبْحٰنَ الله! هي مديني پاڪ سان ڪيڏو نہ عظيم ترين محبت جو اظهار آهي. رسولن جا تاجدار، مڪي مدني سرڪار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم پنهنجو پاڪ روضو هتي ئي ٺاهڻ جي تمنا جو اظهار فرمائي رهيا آهن.

## دعاءِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم

روايت ۾ آهي تہ جڏهن بہ رسولِ اڪرم، نور مجسم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم مڪي پاڪ تشريف وٺي ويندا هئا تہ اتي دعا فرمائيندا هئا: اَللّٰهُمَّ لَاتَجْعَلْ مَنَايَانَا بِهَا حَتّٰى تُخْرِجَنَا مِنْهَا يعني اي الله پاڪ...!! اسان کي مڪي ۾ موت نہ ڏجانءِ

1…وسائلِ بخشش، صفحہ:388 ملتقطاً۔

2…موطا امام مالک، کتاب الجہاد، باب الشہداء فی سبیل اللہ، صفحہ:236، حدیث:996۔

ايسيتائين جو اسان هتان موٽي (واپس مديني پهچي) وڃون. [1]

مدینے میں آقا ہمیں موت آئے | بنے کاش! مدفن ہمارا مدینہ [2]

معلوم ٿيو تہ مديني ۾ مزار ٺهڻي، اهڙي تمنا ڪرڻ ۽ دعا گهرڻ محبوب ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو مبارڪ طريقو آهي.

ڪاش! اسان ڪي بہ اهڙي سعادت ملي وڃي، اسان بہ دعائون ڪندا رهون: ياالله پاڪ! مديني ۾ ايمان ۽ عافيت سان مرڻ، اُتي محبوب مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي قدمن ۾ قبر ٺهڻ نصيب فرماءِ.

مجھے مرنا ہے آقا گنبدِ خضرا کے سائے میں | وطن میں مر گیا تو کیا کروں گا یارسولَ اللہ!

## سِڌِي سَڙَڪَ هي شفاعت نگر جي آهي

حديث پاڪ ۾: محبوب ذيشان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مَنِ اسْتَطَاعَ اَنْ يَّمُوْتَ بِالْمَدِيْنَةِ فَلْيَفْعَلْ، فَاِنِّيْ اَشْفَعُ لِمَنْ مَاتَ بِهَا جنهن کان ٿي سگهي، اُهو مديني ۾ مَري ۽ جيڪو مديني ۾ مرندو، مان ان جي شفاعت ڪندس. [3]

طیبہ میں مَر کے ٹھنڈے چلے جاؤ آنکھیں بند | سیدھی سڑک یہ شہرِ شفاعت نگر کی ہے [4]

**وضاحت:** خدا ڪري! مديني ۾ موت اچي ۽ اکيون بند ڪري آرام ۽ سڪون

---

1…مسند احمد، جلد:3، صفحہ:88، صفحہ:4882۔

2…وسائلِ بخشش، صفحہ:355۔

3… مسند احمد، جلد:3، صفحہ:257، حديث:5566۔

4…حدائقِ بخشش، صفحہ:222۔

سان هليا وڃون...! چوته اِها راهَ سڌي شفاعتِ مصطفيٰ تائين پهچائيندي آهي.

علامه سَمْهُودي رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: صرف مديني پاڪ جو ئي اِهو شان آهي جو باقاعدي حديث پاڪ ۾ هتي مرڻ جي ترغيب ڏني وئي آهي، اهڙي ترغيب دنيا جي ڪنهن ٻئي شهر جي باري ۾ نه آهي.[1]

نه اور کوئی تمنّا نہ جُستَجُو ٹھہرے | دل و نظر میں مدینے کی آرزو ٹھہرے
دُعا ہے ربّ سے مدینے کا ایک اک مَنْظَر | بہ وقتِ مَرگ بھی آنکھوں کے رُوبرُو ٹھہرے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## مديني جي مِٽيءَ ۾ شِفا آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي مديني پاڪ سان ڪيڏي نه محبت هئي، ان جو هڪ ٻيو اندازِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻڌو! مسلمانن جي پياري امي جان سيده عائشه صديقه طيبه طاهره رَضِيَ اللهُ عنها فرمائن ٿيون: صحابهءِ ڪرام رَضِيَ اللهُ عنهم مان جڏهن به ڪو بيمار ٿي پوندو هو، ڪنهن کي ڦُرڙي يا ڳوڙهو وغيره نڪري ايندو هو ته ...!!

صحابهءِ ڪِرام رَضِيَ اللهُ عنهم جي ته عادت مبارڪ هئي، ته ڪين ڪجهه به ٿيندو هو ته مدد لاءِ بارگاهِ رسالت ۾ ئي حاضر ٿيندا هئا. چوٽي آهي ته

کسی کا احسان کیوں اُٹھائیں، کسی کو حالات کو کیوں بتائیں
تمھی سے مانگیں گے، تم ہی دو گے، تمہارے دَرْ سے ہی لَو لگی ہے

---

1... وفاء الوفا، الباب الثانی، الفصل الثالث...الخ، جز:1، جلد:1، صفحہ:46۔

خير! سيده عائشه رَضِیَ اللّٰہُ عنها فرمائن ٿيون: ڪنهن صحابي رَضِیَ اللّٰہُ عنه کي ڪا تڪليف ٿي ويندي هئي تہ بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيندا هئا. هاڻي پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَ آلِہٖ وَسَلَّم جو انداز مبارڪ ڪهڙو هو؟ فرمائن ٿيون: پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَ آلِہٖ وَسَلَّم پنهنجي آڱر مبارڪ تي ٿورو پنهنجو لُعاب پاڪ (يعني پنهنجي ٿُڪَ شريف) لڳائي ان ۾ مديني جي مٽي شريف ملائيندا هئا ۽ زخم تي لڳائي فرمائيندا هئا:

بِسْمِ اللّٰهِ تُرْبَةُ اَرْضِنَا بِرِيقَةِ بَعْضِنَا لِيُشْفَى سَقِيمُنَا بِاِذْنِ رَبِّنَا

**ترجمو:** الله پاڪ جي نالي سان، اسان جي شهر جي مِٽِي، اسان جو لُعاب شريف الله پاڪ جي عطا سان اسان جي بيمارَن کي شِفا ڏيندو.[1]

مشهور مفسرِ قرآن، مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ جي فرمان جو خلاصو آهي: پهريان نبي اڪرم، نور مجسم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَ آلِہٖ وَسَلَّم مرض جي جاءِ تي پنهنجي آڱر رکندا هئا، پوءِ آڱر تي پنهنجو لُعاب شريف لڳائيندا هئا، بعد ۾ مٽي لڳائيندا هئا ۽ ان جو ليپ تڪليف واري جاءِ تي لڳائيندا هئا ۽ چوندا ويندا هئا: الله پاڪ جي حڪم سان اسان جو لُعاب ۽ مديني جي مِٽِي شِفا آهي. (2)

سُبْحٰنَ اللّٰہ! پيارا اسلامي ڀائرو! ڏسو! رسولِ اڪرم، نور مجسم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَ آلِہٖ وَسَلَّم کي مديني پاڪ سان ڪيڏي نہ محبت هئي، هن مقدس شهر جي مِٽيءَ سان پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَ آلِہٖ وَسَلَّم کي ڪيترو نہ گهَرو ۽ سنجيده لڳاءُ هو.

هن حديث شريف مان هي بہ معلوم ٿيو تہ مديني جي مِٽِيءَ ۾ شِفا آهي.

[1] ابن ماجہ، کتاب الطب، باب ما عوذ بہ...الخ، صفحہ:569، حدیث:3521 مفصلاً۔

2…مرآة المناجیح، جلد:2، صفحہ:407خلاصتہً۔

الله پاڪ جي حبيب، طبيبن جي طبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم حديث پاڪ ۾ فرمايو: غُبَارُ الْمَدِيْنَةِ شِفَاءٌ مديني پاڪ جو غبار (يعني ڌَڙَ) باعثِ شفا آهي. [1] ◈ هڪ حديث پاڪ ۾ تہ پياري نبي، مڪي مدني صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم قسم سان فرمايو: وَالَّذِیْ نَفْسِیْ بِيَدِهٖ اُن ذات جو قسم جنهن جي قبضيءِ قدرت ۾ منهنجي جان آهي اِنَّ فِیْ غُبَارِهَا شِفَاءً مِّنْ كُلِّ دَآءٍ بيشڪ مديني پاڪ جي غبار ۾ هر بيماريءَ جي شفا آهي.[2]

## خاڪِ مدينہ جي برڪت سان شِفا ملڻ جون 2 حڪايتون

◈ شيخ مَجدُ الدّين فيروز آبادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: منهنجي غلام کي هڪ سال کان بخار هو، مون خاڪِ شِفا کڻئي ۽ پاڻيءَ ۾ (ٿوري) ملائي کيس پياري ڇڏي، اَلحَمْدُلله! اُنهيءَ ڏينهن ئي هن کي شِفا ملي وئي. [3] ◈ شيخ عبد الحق محدث دهلوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مان مديني پاڪ ۾ حاضر هئس، ڪنهن مرض جي سبب منهنجو پيرُ سُڄي ويو، طبيبن اُن کي خطرناڪ مرض قرار ڏنو ۽ علاج کان بہ هٿ روڪي ڇڏيائون، پوءِ مان مديني پاڪ جي خاڪِ شفا کڻي، ان کي استعمال ڪرڻ شروع ڪيو تہ اَلحَمْدُلله! ڪجهہ ئي ڏينهن ۾ وڏي آسانيءَ سان سوڄ ختم ٿي وئي. [4]

سُبْحٰنَ الله! اي عاشقانِ رسول! مديني پاڪ جي مبارڪ مٽي ۾ الله پاڪ هي تاثير رکيو آهي تہ ان جي برڪت سان جسم جا ظاهري مرضَ بہ نيڪ ٿيندا

1…جامع صغير، صفحه:355، حديث:5753۔
2…الترغيب والترہيب، فی سکنی المدينہ، صفحہ:416، حديث:28۔
3…جزب القلوب، صفحہ:27۔
4…عاشقانِ رسول کی 130حکايات، صفحہ:67۔

آهن ۽ گناهن جي مرضَ کان بہ شفا ملندي آهي، ها! عقيدو نيڪ هجڻ ضروري آهي.

نہ ہو آرام جس بیمار کو سارے زمانے سے | اُٹھالے جائے تھوڑی خاک اُن کے آستانے سے (1)

مشهور مفسرِ قرآن، مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لکن ٿا: جيڪو پاڻي هڪ روايت مطابق حضرت اسماعيل عليه السلام جي قدمن مان جاري ٿيو، يعني آبِ زم زم، جڏهن اُهو بيمارَن کي چڱو ڀلو ڪري ٿو تہ پوءِ جنهن مِٽيءَ تي سيني نبين جي آقا، ٻنهي جهانن جي داتا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم پنهنجا قدم مبارڪ رکيا آهن، اُها مبارڪ مِٽِي خاڪِ شِفا ڇو نہ هوندي ..!! (2)

جس خاک پہ رکھتے تھے قدم سیّدِ عالم | اُس خاک پہ قرباں دلِ شیدا ہے ہمارا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## خاڪِ مدينہ سُرمو ڪري پايو...!!

پيارا اسلامي ڀائرو! خاڪِ مدينہ جو ڇا تہ شان آهي...!! موقعو ملي تہ خاڪِ مدينہ اکين ۾ سُرمو ڪري پائڻ گهرجي! ميسر ٿي وڃي تہ (وڌيڪ نہ، بس) هڪ چَپٽِي ئي پاڻيءَ ۾ ملائي پيئڻ گهرجي، مٽي ۾ وِجهڻ گهرجي، جسم تي لائڻ گهرجي، اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! برڪتون ئي برڪتون نصيب ٿينديون.

اَلْحَمْدُ لله! عاشقِ مدينہ يعني امير اهلسنت مولانا الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي هڪ خوبصورت ادا آهي تہ پاڻ مديني پاڪ جي مبارڪ مٽي کي باقاعده

1...ذوق نعت، صفحه:214۔

2...رسائل نعيميہ، اسرارالاحڪام، صفحه:306۔

سَرائيءَ جي ذريعي اکين ۾ سُرمو ڪري پائيندا آهن.

| | |
|---|---|
| لگاؤ تم آنکھوں میں خاکِ مدینہ | کوئی اس سے بہتر بھی سرمہ بھلا ہے |
| مریضو! اُٹھا کر کے خاکِ مدینہ | کو لے جاؤ! اس میں یقیناً شِفَا ہے |
| مدینے کی مٹی ذرا سی اُٹھا کر | پیو گھول کر ہر مرض کی دوا ہے |
| عقیدت سے خاکِ مدینہ بدن پر | مَلو تم ہر اِک درد کی یہ دوا ہے |
| بدن پر ہے عطار کے خاکِ طیبہ | پرے ہٹ جہنّم ترا کام کیا ہے (1) |

## مديني سان محبت ڪريو...!!

پيارا اسلامي ڀائرو! الحمدللہ! مدينو شريف محبوب شهر آهي، الله پاڪ اسان کي بہ هن مقدس ۽ مبارڪ شهر سان خوب خوب محبت نصيب فرمائي. شيخِ طريقت مولانا الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه فرمائن ٿا: غمِ مدينہ حاصل ڪرڻ لاءِ ◈ سرڪارِ عالي وقار، مديني جي تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم ۽ ساڻن نسبت رکڻ واري هر شيءِ سان سچي پڪي محبت ڪئي وڃي ◈ سنڌن مبارڪ سنتن تي عمل ڪيو وڃي ◈ بزرگانِ دين (يعني الله پاڪ جي نيڪ ٻانهن) جي حرمين طيبين جي ادب ۽ احترام ۽ تعظيم ۽ توقير جا واقعا پڙهيا وڃن. ◈ ان جي لاءِ مڪتبة المدينہ جو شايع ٿيل ڪتاب **عاشقانِ رسول جون 130 حڪايتون** (عاشقانِ رَسُول کی 130 حکایات) پڙهڻ بيحد مفيد آهي. الله پاڪ نصيب ڪري تہ هن ڪتاب جي پڙهڻ سان مڪي پاڪ، مديني پاڪ ۽ حج وغيره سان

---

1…وسائل بخشش، صفحہ:465۔

محبت دل ۾ پيدا ٿي سگهي ٿي ◈ ان کان علاوه اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحۡمَۃُاللّٰہِعَلَیۡہ جو نعتيہ ديوان **حدائقِ بخشش** بہ پڙهيو وڃي، سُنِي اردو ڄاڻڻ وارو جيڪڏهن حدائقِ بخشش کي سمجهي پڙهندو رهي تہ وڏو عاشقِ رسول بڻجي ويندو ◈ سچي ڳالهہ هيءَ آهي تہ **عشقِ رسول** جي دولت حاصل ڪرڻ ۾ ماحول ۽ صحبت جو وڏو اثر آهي. صحبت جي ذريعي جذبو وڌندو آهي. مثال طور ڪو شخص حج يا مديني پاڪ جي حاضريءَ لاءِ ويو ۽ اُن سفر ۾ ڪيس ڪنهن **عاشقِ مدينہ** جي صحبت نہ ملي تہ ان کي ذوق نصيب نہ ٿيندو، تنهنڪري حرمين طيبين جو سفر اهلِ ذوق ۽ اهلِ علم (ڪنهن عاشقِ رسول مفتي صاحب) سان گڏ ڪرڻ گهرجي ◈ پنهنجي ملڪ ۾ بہ عاشقانِ رسول جي صحبت ۾ وڌ کان وڌ وقت گذارڻ گهرجي ◈ اَلحَمۡدُلِلّٰہ! دعوتِ اسلامي جي سنتن ڀريي اجتماعات ۽ مدني مذاڪرن ۾ شرڪت ڪرڻ سان مديني شريف جي محبت جو مناڻ ملندو آهي.

ڪاش! اسان سيني کي ◈ عشقِ مدينہ ◈ غمِ مدينہ ◈ ۽ دردِ مدينہ حاصل ٿي وڃي، دل مديني جي يادن ۾ گُم ٿي وڃي، چَپن تي هر وقت بس مديني جو ئي وِرد جاري هجي. اٰمِيۡن بِجَاہِ خاتَمِ النَّبِیّٖن صلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ

## مفتي نَقِي علي خان رَحۡمَۃُاللّٰہِعَلَیۡہ جو ذڪرِ خير

پيارا اسلامي ڀائرو! اعليٰ حضرت جا والد ماجد مولانا مفتي نقي علي خان رَحۡمَۃُاللّٰہِعَلَیۡہ بہ وڏا عاشقِ رسول هئا. اَلحَمۡدُلِلّٰہ! عاشقِ مدينہ بہ هئا. ذوالقعده شريف جي 29 يا 30 تاريخ تي سندن عرس ٿيندو آهي، ڪوشش ڪري پنهنجن ◈ گهرن ۾ ◈ دڪانن تي ◈ ۽ آفيسن ۾ سندن ايصالِ ثواب جو اهتمام

ڪريو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! وليءِ ڪامل جو فيضان نصيب ٿيندو. اچو تہ سندن عشقِ مدينہ جو ذڪر ٻڌون:

## عاشقِ رسول جو سفرِ مدينہ (حڪايت)

1295 هجريءَ جي ڳالھ آهي، شوال جو مهينو هو، والدِ اعليٰ حضرت مولانا نقي علي خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڏاڍا بيمار ٿي پيا، سندن جسم جي ظاهري طاقت ۾ ڪافي ڪمزوري پيدا ٿي وئي هئي، اهڙي حالت ۾ هڪ ڏينهن پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه آرام فرمائي رهيا هئا، سندن ظاهري اکيون بند هيون پر قسمت بيدار هئي، دل جون اکيون کُليل هيون، مڪي مدني آقا، بگڙيل کي ٺاهڻ واري آقا، ٻنهي جهانن جي داتا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم ڪرم فرمايو ۽ پنهنجي سچي عاشق جي خواب ۾ تشريف کڻي آيا.

سَرِ بالیں، انہیں رَحمت کی ادا لائی ہے | حال بگڑا ہے تو بیمار کی بَن آئی ہے

سرڪارِ نامدار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي سچي عاشق کي حڪم فرمايو تہ مديني هليا اچو...! بس پوءِ ڇا هو، مولانا نقي علي خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي اک کُلي، توڙي جو سندن طبيعت ناساز هئي، ظاهري جسماني طاقت ۾ ڪافي ڪمزوري هئي پر مدني آقا، محبوبِ خدا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم حڪم فرمائي چڪا هئا، تنهنڪري مولانا نقي علي خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فوراً حج ۽ مديني پاڪ جي حاضريءَ جو پڪو ارادو فرمايو. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي دوستن احبابن ۽ اهلِ خانہ وغيره کين تمام گهڻو سمجهايو تہ: عالي جاه ...!! اوهان جي طبيعت ٺيڪ نہ آهي، هَلَڻ ڦرڻ بہ مشڪل آهي، جيڪڏهن ايندڙ سال بہ تشريف وٺي وڃو تڏهن بہ سرڪار عالي وقار، مدني تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي حڪم تي عمل ٿي

ويندو، پر مولانا نقي علي خان رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡه جي عشق جو ڪمال ڏسو! طبيعت ناساز، جسماني طور ڪافي ڪمزوري ۽ هاڻي تہ هوائي جهاز تي سفر ٿيندو آهي، هندستان کان ڪجهہ ئي ڪلاڪن ۾ مديني پاڪ پهچي سگهجي ٿو، اُن وقت بحري جهاز ۾، سمنڊ جي رستي سفر ٿيندو هو، مديني پاڪ پهچڻ ۾ ڪيترائي ڏينهن لڳي ويندا هئا، اهڙي صورتحال هئڻ جي باوجود سچي عاشقِ رسول، مولانا نقي علي خان رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡه دوستن ۽ احبابن جي عرض ڪرڻ تي عشقِ رسول ۾ بي خود ٿي فرمايو: مديني طيبہ جي ارادي سان پير گهَر جي دروازي کان ٻاهر رکي ڇڏيان، پوءِ چاهي روح اُن ئي وقت پرواز ڇو نہ ڪري وڃي. (1)

شوق روکے نہ رُکے پاؤں اُٹھائے نہ اُٹھے | کیسی مشکِل میں ہیں اللہ تمنّائی دوست (2)

**وضاحت:** يا الله! محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ حاضريءَ جي تمنا آهي، شوق ايڏو آهي جو دل رڪجي ئي نہ ٿي، حال هي آهي جو پير کڻي نہ ٿو سگهان، هلڻ دشوار آهي، الٰهي! ڏاڍي مشڪل آهي، منهنجي مدد فرماءِ.

مولانا نقي علي خان رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡه پنهنجي شهزادي اعليٰ حضرت، امام احمد رضا خان رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡه ۽ گهر جي ڪجهہ ٻين ڀاتين کي ساڻ ڪري حج لاءِ روانا ٿي ويا. اعليٰ حضرت رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡه فرمائن ٿا: سرڪارِ مڪہ مڪرمہ، سردارِ مدينہ منوره صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خواب ۾ تشريف آڻي پنهنجي سچي عاشق، مولانا نقي علي خان رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡه کي هڪ پيالي ۾ دوا عطا فرمائي، اُها دوا پيئڻ جي برڪت سان مرض

1…فضائلِ دُعا، صفحہ:40 بتصرف۔
2…حدائقِ بخشش، صفحہ:63۔

جي شدت ۾ ڪمي اچي وئي ۽ مولانا نقي علي خان رَحمَةُاللهِ عَلَيه حج ۽ زيارت جا سمورا افعال هڪ صحتمند شخص وانگر ادا فرمايا ۽ پوءِ مديني شريف ۾ بہ با ادب ۽ پُر ڪيف حاضري ڏني.(1)

| | |
|---|---|
| میٹھا مدینہ دُور ہے، جانا ضرور ہے | جانا ہمیں ضرور ہے، جانا ضرور ہے |
| ہوتا ہے سخت امتحاں، الفت کی راہ میں | آتا مگر سُرور ہے، جانا ضرور ہے |
| عشاق کو تو ملتی ہے غم میں بھی راحت اور | آتا بڑا سُرور ہے، جانا ضرور ہے |
| سرکار کا مدینہ یقیناً بلاشُبہ | قلب و نظر کا نُور ہے، جانا ضرور ہے(2) |

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! اِها هئي مولانا نقي علي خان رَحمَةُاللهِ عَلَيه جي عشقِ رسول جي ڪيفيت...! جو ڪين سرڪارِ عالي وقار، مديني جي تاجدار صَلَّی اللهُ عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خواب ۾ تشريف آڻي حڪم فرمايو تہ پاڻ رَحمَةُاللهِ عَلَيه ان تي ايڏي سختيءَ سان عمل ڪيو جو پنهنجي جان جي بہ پرواهہ نہ ڪيائون، پر هي فرمايائون تہ: مديني طيبہ جي ارادي سان قدم گهَر جي دروازي کان ٻاهر رکي ڇڏيان پوءِ چاهي منهنجو روح پرواز ڪري وڃي. يعني پنهنجي آقا و مولىٰ، محبوبِ خدا صَلَّی اللهُ عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حڪم تي عمل ڪرڻ لاءِ جيڪو ڪجھ منهنجي وَسَ ۾ آهي اُهو مان ضرور ڪندس، پوءِ الله پاڪ جي رحمت ۽ مدني سرڪار، نبين جي تاجدار صَلَّی اللهُ عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ڪرم بي شمار آهي، الله پاڪ ۽ سندس پيارا حبيب

1...فضائلِ دُعا، صفحہ:41بتصرف۔
2...وسائلِ بخشش، صفحہ:486، 487ملتقطاً۔

صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم چاهيندا تہ مديني پاڪ پهچائي ڇڏيندا، باقي منهنجي طرفان تہ حڪم تي عمل ٿي چڪو هوندو.

آنے دو یا ڈبو دو، اب تو تمہاری جانب | کشتی تمہیں پہ چھوڑی، لنگر اُٹھا دیئے ہیں (1)

الله پاڪ اسان کي بہ ◈ عشقِ مدينہ ◈ يادِ مدينہ ◈ غمِ مدينہ ◈ ذڪرِ مدينہ ◈ فڪرِ مدينہ ◈ ۽ بار بار، هزار بار با ادب مديني پاڪ جي حاضريءَ جي توفيق نصيب فرمائي. اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

مدینہ، مدینہ، ہمارا مدینہ | ہمیں جان و دِل سے ہے پیارا مدینہ
سہانا سہانا دِل آرا مدینہ | دِوَانوں کی آنکھوں کا تارا مدینہ
یہ ہر عاشقِ مصطفٰے کہہ رہا ہے | ہمیں تو ہے جنّت سے پیارا مدینہ
یہ رنگیں فضائیں، یہ مہکی ہوائیں | مُعَطَّر، مُعَنْبَر ہے سارا مدینہ
مدینے کے جلووں کے قربان جاؤں | خدا نے ہے کیسا سنوارا مدینہ
خُدا گر قیامت میں فرمائے مانگو | پُکاریں گے دیوانے پیارا مدینہ (2)

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

---

1…حدائقِ بخشش، صفحہ:102۔
2…وسائلِ بخشش، صفحہ:355۔

## قربانيءَ جون کَلُون دعوتِ اسلامي کي ڏيو!

پيارا اسلامي ڀائرو! الحمدلله! دعوتِ اسلامي اسلام ۽ مسلمانن جي خدمت ۾ مصروفِ عمل آهي، انهن نيڪ ڪمن ۾ اوهان به پنهنجو حصو شامل ڪريو! عيدالاضحيٰ ويجهي آهي، عاشقانِ رسول قربانيءَ جي سعادت حاصل ڪندا. التجا آهي ته پنهنجي قربانيءَ جي جانور جي کَلَ دعوتِ اسلامي کي ڏيندا! اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! توهان جي لاءِ صدقهءِ جاريه ثي ويندو. ان سان گڏوگڏ پنهنجي گهٽِي ۾، محلي ۾، پنهنجن عزيزن ۽ رشتيدارن کي فون وغيره ڪري به ڪين اهڙي ترغيب ڏياريو! پنهنجي ڪوشش سان کَلُون جمع ڪريو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! ان جون به برڪتون حاصل ٿينديون، حديث پاڪ ۾ آهي: جنهن ڪنهن ڀلائيءَ ڏانهن رهنمائي ڪئي، ان به کي ان ڀلائيءَ تي عمل ڪرڻ واري جيترو ثواب ملندو. (1)

اَلحَمْدُلله! قربانيءَ جي ڏينهن ۾ ڪيترائي عاشقانِ رسول دعوتِ اسلامي لاءِ کَلُون جمع ڪرڻ جو بندوبست ڪندا آهن. اهڙن اسلامي ڀائرن جي لاءِ ڪجهه احتياط پيش خدمت آهن: ◈الله پاڪ جي رضا خاطر کَلُون جمع ڪريو ◈ اُن دوران نمازن جي پابندي فرمايو ◈ بدبوءِ واري لباس سان مسجد ۾ وڃڻ کان بچو، ان جي لاءِ هڪ صاف سترو جوڙو پاڻ سان گڏ رکو ◈ مسجد ۽ مدرسي وغيره کي رت کان بچايو ◈ جيڪو ڪنهن ٻئي اداري کي کَلَ ڏيڻ جو واعدو ڪري چڪو آهي، ان کي واعدي خلافيءَ جو ذهن نه ڏيو ◈ ڪنهن سان ڪاوڙ جو اظهار نه ڪريو ◈ کَلَ ڏيڻ واري جو بهتر انداز سان شڪريو ادا ڪريو

---

1… ترمذي، ابواب العلم، باب ماجاء الدال...الخ، صفحه:628، حديث:2671۔

◈ اهڙي جڳهه تي گلُون جمع ڪرڻ جو اسٽال نہ لڳايو جو اچڻ وڃڻ وارن کي ڏکيائي پيش اچي.

عطارؔ سے محبوب کی سُنَّت کی لے خدمت | ڈنکا یہ تِرے دین کا دُنیا میں بجادے[1]

الله پاڪ اسان کي عمل ڪرڻ جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِیْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: نيڪ اعمال

اي عاشقانِ رسول! دل ۾ عشقِ مدينہ وڌائڻ، يادِ مدينہ، ذڪرِ مدينہ ڪرڻ ۽ نيڪين واري زندگي گذارڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو ۽ **12** ديني ڪمن ۾ خوب زور شور سان حصو وٺو! ان جي برڪت سان اِنْ شَآءَ اللّٰہُ الْکَرِیْم! دين ۽ دنيا جون بيشمار ڀلايون نصيب ٿينديون. **12** ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم روزانو **نيڪ اعمال** رسالي جي ذريعي پنهنجن عملن جو جائزو وٺڻ بہ آهي.

◈ سرورِ عالم، نور مجسم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: عقلمند اُهو آهي جيڪو پنهنجو محاسبو ڪري ۽ مرڻ کان پوءِ جي لاءِ عمل ڪري.[2] ◈ پنهنجي اصلاح ڪرڻ ۽ پاڻ کي شيطان کان بچائڻ جو بهترين طريقو هي آهي تہ اسان

1…وسائلِ بخشش، صفحہ:112۔

2… ترمذی،ابواب صفۃ القیامۃ...الخ، صفحہ:583، حديث:2459بتغير قليل۔

پنهنجين عادتن، پنهنجي ڪردار ۽ پنهنجن عملن جو جائزو وٺندا رهون. موجوده دور ۾ امير اهلسنت مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَت بَرَكَاتُهم الْعَالِيَه پنهنجو جائزو وٺڻ جو آسان طريقو **نيڪ اعمال** رسالي جي صورت ۾ ڏنو آهي. ◈ وڏي عمر جي اسلامي ڀائرن لاءِ نيڪ اعمال رسالي ۾ **72** سوال جواب لکيل آهن ◈ هر سوال جي هيٺان **30** خانا آهن ◈ روزانو سوال پڙهي پنهنجو جائزو وٺڻو هوندو آهي ۽ خانا ڀرڻا هوندا آهن ◈ درست اسلامي زندگي گذارڻ جو هي بهترين نسخو آهي ◈ هِن رسالي جي ذريعي نہ ڄاڻ ڪيترن جي اصلاح ٿي چڪي آهي.

توهان بہ هي رسالو خريد ڪريو! نيڪ اعمال جي مطابق روزانو پنهنجو جائزو وٺو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! تمام گهڻو فائدو ٿيندو ◈ اخلاق سنورجي ويندا ◈ ڪردار سنو ٿيندو ◈ عادتون بهتر ٿينديون ◈نيڪين تي استقامت ملندي ◈ گناهن کان نفرت ٿيندي ◈ دل روشن ٿيندي ◈ محبتِ الٰهي نصيب ٿيندي ◈ عشقِ رسول ۾ اضافو ٿيندو ◈ روحانيت ملندي ◈ ۽ فڪرِ آخرت نصيب ٿيندو.

## نيڪ اعمال رسالي جي برڪت

نيو ڪراچيءَ جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي تہ اسان جي علائقي جي مسجد جا امام صاحب جيڪي دعوتِ اسلامي سان وابستہ آهن، انهن منهنجي وڏي ڀاءُ کي نيڪ اعمال جو رسالو تحفي ۾ ڏنو. هُو گهر کڻي آيا، گهر اچي هُنن رسالو پڙهيو تہ حيران ٿي ويا تہ هن مختصر رسالي ۾ هڪ مسلمان کي اسلامي زندگي گذارڻ جو ايڏو زبردست فارمولو ڏنو ويو آهي!

نيڪ اعمال جو رسالو ملڻ جي برڪت سان الحمدلله! انهن کي نماز پڙهڻ جو جذبو مليو ۽ با جماعت نماز جي ادائيگيءَ لاءِ مسجد ۾ حاضر ٿي ويا ۽ هاڻي پنجن وقتن جا نمازي ٿي چڪا آهن، ڏاڙهي مبارڪ بہ سجائي ڇڏيائون ۽ پابنديءَ سان نيڪ اعمال جي رسالي ذريعي پنهنجن عملن جو جائزو وٺندا آهن.

نیک اعمال کے عامل پہ ہر دَم ہر گھڑی | یاالٰہی!خوب برسا رحمتوں کی تُو جھڑی

## مدني قاعده (Madani Qaida) موبائِل ايپلي ڪيشن

پيارا اسلامي ڀائرو! قرآن ڪريم جو فيضان عام ڪرڻ لاءِ دعوتِ اسلامي جي I.T ڊپارٽمينٽ هڪ موبائل ايپلي ڪيشن **مدني قاعده** *(Madani Qaida)* جي نالي سان جاري ڪئي آهي. هن ايپلي ڪيشن ۾ مڪمل مدني قاعدو ۽ ان جي آڊيو *(Audio)* شامل ڪئي وئي آهي يعني هن ايپلي ڪيشن ۾ اوهان مدني قاعدي جي جنهن حرف يا جنهن بہ لفظ تي ڪلڪ *(Click)* ڪندا تہ آڊيو *(Audio)* ۾ ان جو تلفظ هلندو، اهڙي طرح هن ايپلي ڪيشن جي مدد سان آسانيءَ سان مدني قاعدو پڙهي، ان جي مشق *(Practice)* ڪري درست مخارج ۽ ضروري تجويد سِکي سگهجي ٿي. هن ايپلي ڪيشن ۾ مدني قاعدي جي سمورن سبقن جي وڊيو ريڪارڊنگ بہ ڏسي سگهجي ٿي. هيءَ ايپلي ڪيشن پنهنجي سمارٽ فون ۾ انسٽال ڪري ڇڏيو، پاڻ بہ فائدو حاصل ڪريو ۽ ٻين کي بہ ان جي ترغيب ڏياريو.

صَلُّوْاعَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## ڪجھ ضروري اعلانات

◈ هر ڇنڇر تي امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه مدني چينل تي لائيو هفتيوار مدني مذاڪرو فرمائيندا آهن، ايندڙ ڇنڇر تي به مدني چينل تي رات جو 9 لڳي 30 منٽن تي اِنْ شَآءَ الله الْكَرِيْم! هفتيوار مدني مذاڪرو ٿيندو، جنهن ۾ شيخ طريقت، امير اهلسنت، مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه سوالن جا جواب به عنايت فرمائيندا. سيئي ذميدار ۽ عاشقانِ رسول هن مدني مذاڪري ۾ پاڻ به شرڪت فرمائن ۽ ٻين کي به ان جي دعوت ڏين. ◈ شيخ طريقت، امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه يا خليفهءِ امير اهل سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه هر هفتي هڪ ديني رسالو پڙهڻ جي ترغيب به ارشاد فرمائيندا آهن، ايندڙ هفتي جي مدني مذاڪري ۾ رسالي **عقلمند پيءُ** جو اعلان ڪيو ويندو. هي رسالو پاڻ به پڙهو! ۽ ٻين سان به شيئر (*Share*) ڪريو! ◈ اميرِ اهلسنت مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه هڪ رسالو تحرير فرمايو آهي "اَبلَق گهوڙي سوار "هن رسالي ۾ پاڻ قربانيءَ جا مسئلا آسان ۽ عام فهم انداز ۾ بيان ڪيا آهن. هي رسالو مڪتبة المدينہ جي ڪنهن به شاخ تان 30 روپين ۾ حاصل ڪريو، پاڻ به مطالعو ڪريو ۽ ٻين کي به ترغيب ڏياريو.

◈ شرعي تقاضن مطابق قرباني ڪرائڻ لاءِ دعوتِ اسلامي جي تحت ٿيڻ واري اجتماعي قرباني ۾ پنهنجو حصو شامل ڪريو! ان جي لاءِ پنهنجي علائقي جي دعوتِ اسلامي جي ذميدارن سان رابطو فرمايو. الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

◈ قربانيءَ جا تفصيلي احڪام سِکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جو شايع ٿيل ڪتاب بهارِ شريعت جلد: **3**، مان حصو: **15** جو پاڻ به مطالعو ڪيو ۽ ٻين کي

۽ ان جي ترغيب ڏياريو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏانهن آڻيندي سنت جي فضيلت ۽ زندگيءَ جا ڪجهه آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪري رهيو آهيان. تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِی فَقَدْ اَحَبَّنِی وَمَنْ اَحَبَّنِی كَانَ مَعِیَ فِی الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سنت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنت ۾ مون سان گڏ هوندو. [1]

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## واعدي جي پابندي ڪرڻ سنت آهي

**2 فرامينِ مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم: **(1):** جيڪو واعدو پورو نہ ڪري، ان جو ڪو ايمان نہ آهي. [2]

**(2):** جيڪو مسلمان پنهنجي ڀاءُ سان واعدي خلافي ڪندو آهي، ان تي الله پاڪ ۽ فرشتن ۽ سڀني انسانن جي لعنت آهي. [3]

اي عاشقانِ رسول! واعدو پورو ڪرڻ سنتِ مصطفيٰ بلڪ سنتِ انبياء آهي ◈ اسان جا آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم واعدي جا ڏاڍا پڪا هئا ۽ ◈ واعدو ٽوڙڻ کي سخت ناپسند فرمائيندا هئا ◈ اعلانِ نبوت کان اڳ ۾ هڪ ڀيري ڪنهن شخص ڪين عرض ڪيو: اوهان هتي ترسو! مان اِجهو واپس اچان ٿو، اُهو شخص هليو ويو

1…تاريخ مدينہ دمشق، جلد:9، صفحہ:343-

2… مصنف ابْنِ اَبِی شيبہ، ڪتاب الايمان، جلد:7صفحہ:223-

3… بخاری، ڪتاب الجِزْيہ، باب اثم من عاهد ثم غدر، صفحہ:815، حديث:3179-

پر ڪانئس واپس اچڻ وِسري ويو، تن ڏينهن ڪان پوءِ ڪيس ٻيهر ياد آيو، جڏهن هُو أنهيءَ جاءِ تي پهتو تہ هي ڏسي حيران ٿي ويو تہ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم 3 ڏينهن گذرڻ جي باوجود بہ أتي ئي تشريف فرما هئا ۽ مَاشَآءَالله! شفقت ۽ رحمت ۽ حسنِ اخلاق ڏسو! جو پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم ڪيس دڙڪا نہ ڏنا ۽ نہ ئي ڪاوڙ جو اظهار فرمايو، بس ايترو فرمايائون: اي شخص! تو مون کي مشقت ۾ وِجهي ڇڏيو. (1) الله پاڪ اسان کي بہ سنتِ سرڪار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم تي عمل ڪندي واعدا پورو ڪرڻ وارو بڻائي. اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

مختلف سنتون ۽ آداب سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل ڪتاب **بهار شريعت** جلد: 3 مان حصو 16 ۽ شيخ طريقت، امير اهل سنت **مولانا الياس قادري** دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو 91 صفحن تي مشتمل رسالو **550 سنتون ۽ آداب** خريد فرمايو ۽ پڙهو. سنتون سکڻ جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر ڪرڻ بہ آهي.

قرض ہو گا ادا آکے مانگو دعا | پاؤ گے برکتیں قافلے میں چلو
قَرض کا بار ہو، بے کسی یار ہو | چاہو گر راحتیں قافلے میں چلو

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

1... أبُو داؤد، کتاب ادب، باب فی العدة، صفحہ:781، حدیث:4996۔

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتمِاع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## ﴿1﴾ جمعه جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِى الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين ھو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

## ﴿2﴾ سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.[2]

## ﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

1... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

2... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[1]

## ﴿4﴾ ڇه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ڪِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[2]

## ﴿5﴾ قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[3]

## ﴿6﴾ دُرُود شَفَاعت

---

1... القول البديع، الباب الثانی، ص277
2... افضل الصلوات علی سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149
3... القول البديع، الباب الاول، ص3125

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي. [1]

## ﴿1﴾ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن. [2]

## ﴿2﴾ جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْمِ

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. [3]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

1... الترغيب والترهيب، ج 2، ص 329، حديث 31
2... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فی كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305
3 ... ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455